# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريہ 1994

# SINDH ACT NO.XX OF 1994

# انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ايڪٽ، 1994

# THE INSTITUTE OF BUSINESS ADMINISTRATION ACT, 1994

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definition

3. انسٽيٽيوٽ جو قيام
Establishment of the Institute

4. انسٽيٽيوٽ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the Institute

5. انسٽيٽيوٽ سيني لاءِ هوندو
Institute open to all

6. سرپرست
The Patron

7. معائناتي دورو

Visitation

8. ڊائريڪٽر

Director

9. ڊائريڪٽر آف فنانس

Director of Finance

10. امتحانن جو ڪنٽرولر

Controller of Examinations

11. بورڊ آف گورنرس

Board of Governors

12. بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Board

13. اڪيڊمڪ بورڊ

Academic Board

14. سليڪشن بورڊ

The Selection Board

15. فنڊس ۽ رپورٽون

Funds and Reports

16. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

17. منسوخي ۽ بچت

Repeal and Savings

18. منسوخي

Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 1994

# SINDH ACT NO.XX OF 1994

## انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ايڪٽ، 1994

## THE INSTITUTE OF BUSINESS ADMINISTRATION ACT, 1994

[17 آگسٽ 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن، ڪراچي کي ٻيهر جوڙيو ۽ ٻيهر منظم ڪيو ويندو ۽ انسٽيٽيوٽ کي ڊگريون ڏيڻ جو اختيار ڏنو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن، ڪراچي کي ٻيهر جوڙڻ ۽ ٻيهر منظم ڪرڻ ۽ انسٽيٽيوٽ کي ڊگريون ڏيڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن ۾ اختيار ڏيڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definition

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) ”اڪيڊمڪ بورڊ“ مطلب انسٽيٽيوٽ جو اڪيڊمڪ بورڊ؛

(b) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(c) "بورڊ" مطلب بورڊ آف گورنرس؛

(d) "امتحانن جو ڪنٽرولر" مطلب انسٽيٽيوٽ جي امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(e) "ڊائريڪٽر" مطلب انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر؛

(f) "ڊائريڪٽر فنانس" مطلب انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر فنانس؛

(g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(h) "انسٽيٽيوٽ" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن، ڪراچي؛

(i) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(j) "سرپرست" مطلب سنڌ جو گورنر؛

(k) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت قاعدن ۾ بيان ڪيل؛

(l) "سليڪشن بورڊ" مطلب انسٽيٽيوٽ جو سليڪشن بورڊ.

**انسٽيٽيوٽ جو قيام**
**Establishment of the Institute**

3. انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ڪراچي، جيئن هن ايڪٽ جي گنجائش موجب ٻيهر جوڙيو ۽ ٻيهر منظم ڪيو ويو آهي، هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن جو نالو انسٽيٽوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ڪراچي هوندو ۽ ان کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندو ۽ جاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

4. سموريون ملڪيتون، حق ۽ ڪنهن بہ قسم جا مفاد، جيڪي استعمال ڪيا ويا، قبضي ۾ رکيا ويا،

مالڪي هيٺ رکيا ويا يا موجود رهيا، يا ٽرسٽ ۾ رکيا ويا يا انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن جيئن پهرين يونيورسٽي آرڊيننس آف يونيورسٽي آف ڪراچي 1962 تحت قائم ڪيو ويو ۽ يونيورسٽي آف ڪراچي ايڪٽ، 1972 جي دفعه 28(1)(g) تحت پيهر جوڙيو ويو ۽ سموريون قانوني رهتون جاٽايل انسٽيوٽيوٽ ڏانهن رهنديون هجن، اهي هن ايڪٽ تحت پيهر جوڙيل انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ڏانهن منتقل ٿي وينديون.

انسٽيٽيوٽ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the Institute

5. انسٽيٽيوٽ کي اختيار هوندو:

(a) بزنس ايڊمنسٽريشن ۽ ان سان لاڳاپيل شعبن ۾ پڙهائي مهيا ڪرڻ، جيئن اهو مناسب سمجهي، ۽ تحقيق، مئنيجمينٽ، ترقياتي پروگرامن، ترقي ۽ ڄاڻ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ معاونت فراهم ڪرڻ لاءِ گنجائشون ڪرڻ، اهڙي طريقي جيئن اهو طئي ڪري.

(b) ان طرفان ۽ ان سان جڙيل ادارن طرفان پڙهايا ويندڙ مضمونن جا ڪورس بيان ڪرڻ؛

(c) امتحان منقعد ڪرڻ ۽ داخلا وٺندڙ ۽ ڄاٽايل شرطن موجب امتحان پاس ڪندڙ ماڻهن کي ڊگريون، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا اڪيڊمڪ ڊسٽنڪشنز ڏيڻ؛

(d) ڄاٽايل شرطن موجب تعليمي ادارن کي الحاق ڏيڻ يا پاڻ کان ڌار ڪرڻ؛

(e) شاگردن پاران ٻين يونيورسٽين ۾ پڙهائي جي

هنڌن تي پاس ڪيل امتحانن ۽ پڙهائي جي عرصي کي ادارن ۾ اهڙن امتحانن ۽ پڙهائي جي عرصي جي برابر درجو ڏيڻ، جيئن اهو طئي ڪري، ۽ اهڙي منظوري کي ختم ڪرڻ؛

(f) پڙهائي، تحقيق، تربيت، معاونت، انتظاميا ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ آساميون پيدا ڪرڻ ۽ انهن تي ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(g) پڙهائي ۽ تحقيق جي سڌاري لاءِ سينٽر قائم ڪرڻ ۽ انهن جي سار سنڀال ڪرڻ ۽ انتظاميه جي حوالي سان انتظام رکڻ، جيئن اهو مناسب سمجهي؛

(h) تحقيق، معاونت ۽ مشاورتي خدمت لاءِ گنجائشون ڪيڻ ۽ انهن مقصدن لاءِ ٻين ادارن سان لهه وچڙهه ڪرڻ يا ڄاڻايل شرطن موجب پبلڪ ۽ پرائيويٽ باڊيز سان گڏجي انتظام ڪرڻ؛

(i) حڪومت، قومي ۽ بين الاقوامي تنظيمن ۽ يونيورسٽيز سان اداري جي دائري ۾ رهندي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ؛

(j) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻن ۽ ڪم ڪرڻ، پوءِ اهي مٿي ڄاڻايل اختيارن سان لاڳاپيل هجن يا نه، جيئن اهو تعليم، پڙهائي، تحقيق ۽ معاونت جي اداري لاءِ ضروري سمجهي.

| | |
|---|---|
| 6. انسٽيٽيوٽ هر ڪنهن جنس ۽ مذهب، نسل، فرقي، ذات، رنگ يا ڊوميسائيل جي ماڻهن لاءِ کليل هوندو، جيڪي اداري طرفان پيش ڪيل ڪورس ۾ داخلا لاءِ | انسٽيٽيوٽ سيني لاءِ کليل هوندو<br>Institute open to |

| | |
|---|---|
| تعليمي طور اهل هجن، اهڙي ڪنهن بہ شخص کي جنس، مذهب، نسل، ذات، فرقي، رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي انڪار نہ ڪيو ويندو. | all |
| 7. (1) گورنر سنڌ اداري جو سرپرست ۽ ڪنٽرولنگ اٿارٽي هوندو. | سرپرست The Patron |
| (2) سرپرست، جڏهن موجود هوندو، اهو انسٽيٽيوٽ جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو. | |
| (3) جيڪڏهن سرپرست مطمئن آهي تہ بورڊ، سليڪشن بورڊ يا اڪيڊمڪ بورڊ جون ڪارروايون هن ايڪٽ جي گنجائشن مطابق نہ آهن تہ، هي اهڙي بورڊ کي سبب جاڻائڻ لاءِ طلب ڪري تنبيهہ ڪندو تہ ڇو اهڙيون ڪارروايون تحريري حڪم ذريعي ختم نہ ڪيون وڃن، اهڙيون ڪارروايون ختم ڪندو. | |
| (4) سرپرست جي غير موجودگي جي صورت ۾، چيئرمين ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو. | |
| 8. (1) سرپرست معائناتي دورو ڪري سگهي ٿو يا اداري جي معاملن سان لاڳاپيل معاملي جي سلسلي ۾ جاچ ڪرائي سگهي ٿو، ان لاءِ اهڙي شخص يا ماڻهن کي مقرر ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي. | سرڪاري دورو Visitation |
| (2) سرپرست ذيلي دفعہ (1) تحت رپورٽ وصول ٿيڻ تي اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو، جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ ڊائريڪٽر اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو. | |
| 9. (1) ڊائريڪٽر سرپرست طرفان مقرر ڪيو ويندو جيڪو سندس خوشي سان عهدو رکندو ۽ جيستائين | ڊائريڪٽر Director |

ڪيس اڳ ۾ هٽايو نہ وڃي، اهو ڇهن سالن تائين عهدو رکندو، اهڙن قاعدن ۽ شرطن موجب، جيئن سرپرست طئي ڪري.

(2) ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ کيس اڪيڊمڪ، انتظامي ۽ مالي معاملن تي اختيار حاصل هوندو ۽ اها يقيني بڻائيندو تہ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن تي صحيح نموني سان عمل ڪيو پيو وڃي.

(3) ڊائريڪٽر، هنگامي صورتحال ۾، جنهن ۾ هن جي خيال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو، جيڪو هي ضروري سمجهي ۽ ان ڪانپوءِ جيترو جلد مناسب ٿي سگهي، ان ڪنيل قدم بابت بورڊ کي آگاهہ ڪندو.

**ڊائريڪٽر آف فنانس Director of Finance**

10. (1) ڊائريڪٽر آف فنانس سرپرست طرفان مقرر ڪيو ويندو اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن اهو طئي ڪري.

(2) ڊائريڪٽر آف فنانس ڪري سگهندو:

(i) اداري جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپ سنڀاليندو؛

(ii) اداري جا ساليانا ۽ نظرثاني ڪيل بجيٽ جا ڪاٿا تيار ڪندو ۽ انهن کي بورڊ آڏو منظوري لاءِ پيش ڪندو؛

(iii) اها پڪ ڪندو تہ اداري جا فنڊ ان مقصد لاءِ خرچ ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ اهي مهيا ڪيا ويا هئا.

(iv) اهڙيون ٻيون ذميواريون نڀائيندو، جيئن بيان ڪيون ويون هجن.

**امتحانن جو ڪنٽرولر**

11. امتحانن جو ڪنٽرولر بورڊ طرفان مقرر ڪيو

| | |
|---|---|
| Controller of Examinations | ويندو ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن جو ذميوارو هوندو ۽ انهن جو رڪارڊ سٺي نموني رکڻ ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون نڀائڻ جو ذميوار هوندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي. |
| بورڊ آف گورنرس Board of Governors | 12. (1) بورڊ آف گورنرس هوندو جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو: |

| | | |
|---|---|---|
| (i) | سرپرست طرفان ٽن ججن جي پينل منجهان سنڌ هاءِ ڪورٽ جو هڪ جج نامزد ڪيو ويندو. | چيئرمين |
| (ii) | ڪراچي يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر | ميمبر |
| (iii) | سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر | ميمبر |
| (iv) | ڊائريڪٽر (چيف ايگزيڪيوٽو) | ميمبر |
| (v) | سيڪريٽري تعليم، حڪومت سنڌ | ميمبر |
| (vi) | يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جو هڪ نامزد ٿيل، جيڪو ڪل وقتي ميمبر جي عهدي کان گهٽ نہ هجي | ميمبر |
| (vii) | سنڌ چيمبر آف ڪامرس جو صدر | ميمبر |
| (viii) | چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز پاڪستان جو صدر | ميمبر |
| (ix) | سرپرست پاران صوبي جا ٻہ | ميمبرس |

| | | |
|---|---|---|
| | ناميارا واپاري نامزد ڪيا ويندا | |
| (x) | سرپرست پاران صوبي جا ٻه ناميارا تعليمدان نامزد ڪيا ويندا | ميمبرس |
| (xi) | سرپرست پاران ٻه ناميارا شهري نامزد ڪيا ويندا | ميمبر |
| (xii) | چيئرمين طرفان ٻه پروفيسرز يا ايسوسيئيٽ پروفيسرز نامزد ڪيا ويندا | ميمبرس |
| (xiii) | اداري جي رجسٽرڊ گريجوئيٽس منجهان هڪ کي ميمبر چونڊيو ويندو. | |

(2) ميمبر، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرن جي، سرپرست جي خوشي سان عهدو رکندا ۽ جيستائين انهن کي اڳ ۾ هٽايو نہ وجي اهي بورڊ جي پهرين گڏجاڻيءَ واري تاريخ کان ٽن سالن تائين عهدو رکي سگهندا.

(3) هڪ ميمبر سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي ميمبر نہ رهندو، جيڪڏهن اهو بنا جوڳو سبب ڄاڻائڻ جي بورڊ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ غير حاضر هجي.

(4) بورڊ جي گڏجاڻين جي صدارت چيئرمين ڪندو يا سندس غير موجودگي ۾ چيئرمين طرفان ميمبرن منجهان نامزد ڪيل هڪ ميمبر صدارت ڪندو يا ان جي غير موجودگي ۾ موجود ميمبرن طرفان انهن منجهان هڪ ميمبر چونڊيو ويندو.

(5) بورڊ جون سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ پيرا گڏجاڻيون ٿينديون جن جون تاريخون ڊائريڪٽر چيئرمين جي مشوري سان

طئي ڪندو.

(6) بورڊ جي گڏجاڻي جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو.

(7) بورڊ جا فيصلا اڪثريت جي بنيادن تي موجود ميمبرن جي ووٽنگ سان ڪيا ويندا ۽ ووٽ هڪ جيترا ٿيڻ جي صورت ۾ گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندڙ شخص کي ووٽ وجهڻ جو حق حاصل هوندو.

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the Board

13. (1) بورڊ اداري جي پاليسي جوڙيندڙ ۽ ايگزيڪيوٽو باڊي هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب، اداري جي معاملن تي عام نظرداري رکندو.

(2) خاص طور تي ۽ اڳوڻين گنجائشن جي عام حيثيت سان تڪرار ڪانسواءِ، بورڊ کي هيٺيان اختيار هوندا:

(i) سموري اداري تي ضابطو حاصل هوندو.

(ii) اداري ۾ بي پي ايس- 16 ۽ ان کان مٿي استادن ۽ ٻين عملدارن/اسٽاف کي مقرر ڪري سگهندو ۽ انهن جي ملازمت جون شرطون ۽ ضابطا طئي ڪندو.

(iii) اداري طرفان حاصل ڪيل ۽ خرچ ڪيل سمورين رقمن لاءِ اڪائونٽس ۽ اداري جي اثاثن ۽ رهتن لاءِ خاص بوڪس جو انتظام ڪندو.

(iv) اداري جي بجيٽ ڪاٿن، ساليانی تحقيقي پروگرامن، ساليانين رپورٽن ۽ اڪائونٽس جي آڊٽ ٿيل اسٽيٽمينٽس تي غور ڪندو ۽ منظوري ڏيندو.

(v) فنڊس کي خرچ جي هڪ اهم هيڊ مان ٻئي هيڊ ڏانهن منتقل ڪرڻ.

(vi) اداري طرفان معاهدن ۾ شامل ٿيڻ، تبديل ڪرڻ،

مڪمل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(vii) سليڪشن بورڊ جي سفارش تي پروفيسرشپس پيدا ڪندو جنهن ۾ شامل آهن، رٽائرمينٽ ڪانپوءِ اعزازي طور مقرر پروفيسرس، ايسوسيئيٽ پروفيسرشپس، اسسٽنٽ پروفيسر شپس، ليڪچررشپس يا ٻيا انتظامي عهدا يا لاڳاپيل ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(viii) اداري کي منتقل ڪيل ملڪيت يا گرانٽس، وصيعتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس يا ٻين حاصل ڪرڻ يا انتظام ڪرڻ يا انهن کي اهڙي ملڪيت، گرانٽ، وصيت، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس جي سلسلي ۾ ڪنهن فنڊ کي سيڙائڻ، جيئن اهو مناسب سمجهي.

(ix) اداري جي پڙهائيندڙ يا نه پڙهائيندڙ ملازمن جي ملازمت جون شرطون يا ضابطا بيان ڪرڻ، جنهن ۾ تعليمي قابليت، تجربو يا مقرري لاءِ اهليت شامل آهن؛

(x) پنهنجي اختيارن منجهان ڪي به ڊائريڪٽر کي منتقل ڪرڻ يا چيئرمين طرفان مقرر ڪيل ڪميٽي کي منتقل ڪرڻ يا ڪنهن ٻئي عملدار کي منتقل ڪرڻ سواءِ بجيٽ جي ڪاٽن جي منظوري وارو اختيار منتقل ڪرڻ جي؛

(xi) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مختلف بورڊس جي ميمبرن جي مقرري جي منظوري ڏيڻ؛

(xii) اداري جي اڪائونٽس جي ساليانِي آڊٽ لاءِ آڊيٽرس مقرر ڪرڻ؛

(xiii) بورڊ طرفان مقرر ڪيل ملازمن کي ڄاڻايل طريقيڪار موجب سسپينڊ ڪرڻ، سزا ڏيڻ يا برطرف ڪرڻ؛

(xiv) اهڙا ضروري قاعدا جوڙڻ جيڪي هن ايڪٽ جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهن؛

(xv) اداري سان لاڳاپيل ٻين سمورن معاملن ڪي هلائڻ، طئي ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ خاص طور تي جيڪي هن ايڪٽ ۾ ناهن ڄاڻايا ويا سمورا ٻيا اختيار استعمال ڪرڻ.

اڪيڊمڪ بورڊ
Academic Board

14.(1) اڪيڊمڪ بورڊ مشتمل هوندو:

| | | |
|---|---|---|
| (i) | انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر | چيئرمين |
| (ii) | انسٽيٽيوٽ جا سمورا پروفيسرز (رٽائرمينٽ ڪانپوءِ اعزازي طور رکيل پروفيسر سميت) | ميمبرس |
| (iii) | انسٽيٽيوٽ جا ٽي ايسوسيئيٽ پروفيسر بورڊ طرفان ڊائريڪٽر جي سفارش تي ٽن سالن لاءِ نامزد ڪيا ويندا. | ميمبرس |
| (iv) | انسٽيٽيوٽ جو هڪ اسسٽنٽ پروفيسر بورڊ طرفان ڊائريڪٽر جي سفارش تي ٽن سالن لاءِ نامزد ڪيو ويندو. | ميمبر |
| (v) | بزنس ايڊمنسٽريشن/ڪمپيوٽر سائنس/لاڳاپيل ڪمن ۾ ٻه ماهر بورڊ آف گرنرس طرفان ڊائريڪٽر جي سفارش تي ٽن سالن لاءِ نامزد ڪيا ويندا. | |

(2) اڪيڊمڪ بورڊ سمورن اڪيڊمڪ معاملن جو ذميوار

هوندو جنهن ۾ ڪورسز نصاب، امتحانن، ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن جا معاملا ۽ ٻيا لاڳاپيل معاملا شامل آهن.

(3) اڪيڊمڪ بورڊ جون گڏجاڻيون تڪڙو تڪڙو ڪوٺايون وينديون، جيترو ممڪن ٿي سگهي، پر سال ۾ ٻن کان گهٽ نه هجڻ گهرجن.

(4) گڏجاڻي جو ڪورم ٽوٽل ميمبرز جي اڌ برابر هوندو.

سليڪشن بورڊ
The Selection Board

15. (1) بي پي ايس- 16 ۽ ان کان مٿي سموريون مقرريون بورڊ طرفان سليڪشن بورڊ جي سفارش تي ڪيون وينديون، جيڪي مشتمل هونديون:

| | | |
|---|---|---|
| (i) | ڊائريڪٽر | چيئرمين |
| (ii) | چيئرمين يا سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو نامزد ڪيل | ميمبر |
| (iii) | بورڊ جو هڪ ميمبر بورڊ طرفان ٽن سالن لاءِ نامزد ڪيو ويندو | ميمبر |
| (iv) | ٻه ناميارا واپاري سرپرست طرفان ٽن سالن لاءِ نامزد ڪيا ويندا | ميمبرس |
| (v) | بزنس ايڊمنسٽريشن ۾ ٻه ماهر بورڊ طرفان ٽن سالن لاءِ نامزد ڪيا ويندا | ميمبرس |

(2) چار ميمبر سليڪشن بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ٿيندا.

فنڊس ۽ رپورٽون
Funds and Reports

16. (1) اداري کي هڪ فنڊ هوندو جنهن ۾ ڪنهن حڪومت طرفان جمع ڪيل سموريون گرانٽس هونديون يا حصا ۽ چندا جيڪي لوڪل باڊيز، تنظيمن يا ايجنسين طرفان ڏنا ويا هجن ۽ رقم جيڪا حاصل ڪيل في، شين جي وڪري ۽ پبليڪيشنز تي حق ۽ واسطا ۽ اهڙن ٻين وسيلن

کان حاصل ڪئي وئي هجي، جيئن بورڊ طرفان منظوري ڏني وڃي.

(2) ڪو بہ خرچ فنڊس مان نہ ڪيو ويندو، جيستائين ادئگيءَ جو بل هن ايڪٽ جي قاعدن موجب اداري جي آڊٽ آفيسر طرفان آڊٽ نہ ٿو ڪيو وڃي.

(3) اداري جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت ۾ اهڙي طريقي رکيا ويندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ سال ۾ هڪ ڀيرو آڊيٽر جنرل آف پاڪستان طرفان مقرر ڪيل آڊيٽر طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

(4) اڪائونٽس جو ساليانو اسٽيٽمينٽ ۽ ان سلسلي ۾ آڊيٽر طرفان جمع ڪرايل رپورٽ بورڊ طرفان غور هيٺ آندي ويندي.

(5) ادارو حڪومت کي سالياني بنيادن تي اڪائونٽس جي سالياني آڊٽ رپورٽ جمع ڪرائيندو، گذريل مالي سال دوران اداري جي سرگرمين تي رپورٽ ۽ اهڙي لاڳاپيل سرگرمين جي رپورٽ جيڪا حڪومت طرفان طلب ڪئي وڃي.

**رنڊڪون هٽائڻ**
**Removal of difficulties**

17. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي ڪن بہ گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ ۾ ڪا ڏکيائي پيش اچي، ڪنٽرولنگ اٿارٽي بورڊ جي سفارشن تي اهڙيون هدايتون ڏئي سگهي ٿي، جيڪي جاٽايل گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجن. جيئن اها اهڙي ڏکيائي کي هٽائڻ لاءِ ضروري سمجهي.

**منسوخي ۽ بچت**
**Repeal and Savings**

18. (1) ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 جي دفعہ 28(1)(g) تحت ڪراچي يونيورسٽي طرفان انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن جي قيام جي قانونن کي منسوخ

ڪيو ويجي ٿو.

(2) جاڙايل قانون جي منسوخ ٿيڻ سان ڪيل سڀ ڪجهه، ڪنيل قدم، ذميداريون يا حاصل ڪيل رهتون، حق ۽ حاصل ڪيل اثاثا، مقرر ڪيل ماڻهو يا بااختيار بڻايل دائره اختيار يا منتقل ڪيل اختيار، انڊومينٽس، وصيعتون، فنڊس يا قائم ڪيل ٽرسٽس، چندا يا ڏنل گرانٽس، ڏنل مراعتون يا جوڙيل ضابطا ۽ قاعدا يا جيڪي جوڙيا ويٺا هجن، ان تحت ۽ اڳوڻي بورڊ آف گورنرس طرفان پاس ڪيل سمورا ٺهراءَ، جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نه هجن، جاري رکيا ويندا، ۽ اهڙيءَ ريت ترتيبوار ڪيل، ڪنيل، وصول ڪيل، حاصل ڪيل، مقرر ڪيل، بااختيار بڻايال، منتقل ڪيل، جوڙيل، ٺاهيل، پيدا ڪيل يا هن ايڪٽ تحت جاري ڪيل سمجهيا ويندا.

منسوخي
Repeal

19. انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن آرڊيننس، 1994 کي منسوخ ڪيو ويجي ٿو.

**نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**